SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريه 2020

# SINDH ORDINANCE NO.II OF 2020

# سنڌ وبائي بيماريون (ترميم) آرڊيننس، 2020

# THE SINDH EPIDEMIC DISEASES (AMENDMENT) ORDINANCE, 2020

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 2015 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VIII جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment of Section 3 of Sindh Act No.VIII of 2015
3. 2015 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VIII جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act No.VIII of 2015

# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 2020

# SINDH ORDINANCE NO.II OF 2020

## سنڌ وبائي بيماريون (ترميم) آرڊيننس، 2020

## THE SINDH EPIDEMIC DISEASES (AMENDMENT) ORDINANCE, 2020

[13 مئي 2020]

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ وبائي بيماريون ايڪٽ، 2014 ۾ ترميم ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ وبائي بيماريون ايڪٽ، 2014 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين، 1973 جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1.(1) هن آرڊيننس کي سنڌ وبائي بيماريون (ترميم) آرڊيننس، 2020 سڏيو ويندو.

(2) اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

سنڌ 2015 جي ايڪٽ نمبر VIII جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of Section 3 of Sindh Act No.VIII of 2015

2. سنڌ وبائي بيماريون ايڪٽ، 2014 ۾، جنهن کي هن ڪانپوءِ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (3) ۾، لفظن "ڊپٽي ڪمشنر" ڪانپوءِ لفظ "يا اسسٽنٽ ڪمشنر يا ٻيو ڪو عملدار" شامل ڪيا ويندا.

سنڌ 2015 جي ايڪٽ نمبر VIII جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act No.VIII of 2015

3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 4 لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"4. ڏنڊ. (1) جيڪو بہ حڪومت يا بااختيار ٻڌايل عملدار طرفان جاري ڪيل حڪمن يا هن ايڪٽ تحت جوڙيل ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو يا نافرماني ڪري ٿو، تہ وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون تحت واجب ڪنهن سزا کانسواءِ، اهو موقعي تي ڏنڊ جي سزا لائق هوندو جيڪا هڪ ملين رپين تائين هوندي يا متحرڪ، غير متحرڪ، ناقص ملڪيت هوندي، يا ٻئي گڏ:

بشرطيڪ ڏنڊ مڙهڻ جو حڪم ان سلسلي ۾ حڪم جاري ڪرڻ لاءِ سببن سان گڏ لکت ۾ هوندو.

(2)ذيلي دفعہ (1) ۾ ڄاڻايل ڏنڊ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 (1967 جي ايڪٽ نمبر XVII) تحت لينڊ روينيو جي رهتن طور اوڳاڙيو ويندو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**